
# مولٰي علي

## ۽ فڪر آخرت

**29-March-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

29 مارچ، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مولئٰ عليءِ فڪرآخرت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ...پياري آقا جي محبوب شخصيت
- ...مولئٰ علي جي قبر وارن سان گفتگو
- ... هلاڪت ۾ وجهڻ واريون 2 شيون
- ...مولئٰ علي جي نصيحت

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہ علیہِ والہٖ وسلّم جبريل اَمين علیہِ السّلام کان پڇيو تہ الله پاڪ جي نزديڪ ڪهڙو عمل وڌيڪ محبوب آهي؟ تہ جبريل علیہِ السّلام عرض ڪيو: الصَّلاةُ عَلَيْكَ يَا مُحَمَّدُ وَحُبُّ عَلِيِّ بْنُ أَبِي طَالِبٍ يعني اوهان تي درود پڙهڻ ۽ حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ سان محبت ڪرڻ (الله پاڪ جي نزديڪ محبوب ترين عمل آهي).[1]

اے مدینے کے تاجدار سلام | اے غریبوں کے غمگسار سلام
تیری اِک اِک اَدا پر اے پیارے | سو دُرودیں فدا ہزار سلام
میرے پیارے پہ میرے آقا پر | میری جانب سے لاکھ بار سلام
عرض کرتا ہے یہ حسنؔ تیرا | تجھ پر اے خُلد کی بہار سلام (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] القول البديع،الباب الثانی فی ثواب صلاۃ علی رسول اللہ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم، صفحہ:189۔

[2] …ذوقِ نعت، صفحہ:170، 171ملتقطاً۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَاالْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو تہ ❁ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، ❁ علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ❁ ضرورتًا سرڪي ڀين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ❁ ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي جيڪي ڏينهن گذري رهيا آهن. يعني رَمَضَانُ المبارڪ جي ٻئي عشري جا آخري ڏينهن آهن، ❁ اسلامي لحاظ کان هي نهايت تاريخي ڏينهن آهن. ❁ 17 رمضان المبارڪ تي حق و باطل جو عظيم الشان معرڪو يعني غزوهءِ بدر ٿيو، هي ايترو عظمت وارو ڏينهن هيو جو الله پاڪ ان کي يَومُ الفُرقان (يعني حق ۽ باطل ۾ فرق ڪرڻ وارو ڏينهن) فرمايو. مسلمان 313 جي تعداد ۾ هئا ۽ غير مسلمن جو لشڪر هڪ هزار کان بہ وڌيڪ هيو، ڏينهن بہ ماهِ رمضان جا هئا، ان جي باوجود صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم ڪمال جي همت ڏيکاري، غزوه ۾ شريڪ ٿيا ۽ اهي مڪي جا ڪافر جيڪي دينِ اسلام کي دنيا کان مٽائڻ جي ڏينهن رات ڪوشش ڪندا هئا، صحابہ ڪرام رضی اللہ عنھم کي سخت کان سخت تڪليفون پهچائيندا هئا، انهن وٽ مال بہ هيو، طاقت بہ هئي، اَفرادي قُوَّت بہ وڌيڪ هئي پر قربان وڃو! صحابہ ڪرام

1 ...بخاري، ڪتاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

رضی اللہ عنہم جي ايماني جذبي جي سامهون نہ انهن جو مال ڪم آيو، نہ طاقت ڪم آئي، نہ ئي اَفرادي قُوّت ڪجهہ بگاڙي سگهي، ان ڏينهن اللّٰه پاڪ مسلمانن کي اها عظيم الشان فتح نصيب فرمائي جو ان سان حق ۽ باطل ۾ فرق واضح ٿي ويو.[1] ❁ اهڙي طرح 19 رمضان المبارڪ تي پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم جي پياري شهزادي حضرت رُقيَّہ رضی اللہ عنہا جو عرس پاڪ ٿيندو آهي، جڏهن پيارا آقا صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم غزوه بدر جي لاءِ روانا ٿيا، اُن وقت پاڻ رضی اللہ عنہا بيمار هيون، 19 رمضانُ المبارڪ تي جڏهن غزوه بدر ۾ فتح جي خوشخبري مديني پهتي، اُن وقت ماڻهو حضرت رقيہ رضی اللہ عنہا کي دفن ڪري رهيا هئا.(2)

اللّٰه اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي ڪهڙي قرباني آهي..!! شهزادي صاحبہ بيمار هيون، اُن جي باوجود رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم اسلام جي سربلندي جي لاءِ بدر ۾ تشريف کڻي ويا..!!!

حق کی راہ میں پتّھر کھائے خون میں نہائے طائف میں
دِین کا کتنی محنت سے کام آپ نے اے سلطان کیا(3)

❁ 17 رمضان المبارڪ ئي تي مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ صديقہ بنتِ صديق حضرت عائشہ صدّيقہ طيبہ، طاهره رضی اللہ عنہا جو عرس پاڪ بہ آهي. ❁ سيده عائشہ رضی اللہ عنہا تمام گهڻيون عظمت واريون خاتون آهن. ❁ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم جون محبوب گهر واريون آهن ❁ حضرت صديق اڪبر رضی اللہ عنہ جون شهزاديون آهن. پاڻ رضی اللہ عنہا تمام وڏيون عالمہ، فاضلہ، مفتيہ هيون. ❁ تفسير، حديث ۽ فقہ(يعني اسلامي احڪام جي علم) ۾ نهايت مهارت رکنديون هيون❁ ڪثرت سان روزا رکنديون هيون ❁ تمام گهڻي عبادت ڪنديون هيون ❁ تمام گهڻيون سخي هيون ❁ دنيا کان بي رغبتي رکنديون

[1] سيرت مصطفےٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم ، صفحہ:210تا232ملتقطاً ـ
[2]...بذل القوة، القسم الثانی، الباب الثالث، الفصل الثانی فی حوادث...الخ، صفحہ:430ـ
[3]...وسائلِ بخشش صفحہ:197 ـ

هيون ۽ هميشہ فڪرِ آخرت ۾ مصروف رهنديون هيون ❁ 17 رمضان المبارڪ تي پاڻ رضی اللہ عنھا هن دنيا مان رخصت ٿي ويون، سندن مزار پاڪ جنّتُ البقيع ۾ آهي.[1] ۽ 21 رمضان المبارڪ تي مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت مولٰي علي شير خدا رضی اللہ عنہ جي شهادت جو ڏينهن آهي.[2]

## مولٰي علي رضی اللہ عنہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مولا علي رضی اللہ عنہ مسلمانن جا چوٿان خليفا آهن، پاڻ رضی اللہ عنہ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا، 10 سالن جي عمر مبارڪ ۾ اسلام قبول ڪيائون.[3] پاڻ رضی اللہ عنہ جي والده سندن نالو حيدر جڏهن تہ والد سندن نالو علي رکيو، رسول اڪرم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کيس اَسَدُاللّٰه جي لقب سان نوازيو، اَسَدُ الله جي معنٰي آهي: شيرِ خدا يعني الله پاڪ جو شينهن.[4]

علی المرتضیٰ شیرِ خُدا ہیں | کہ ان سے خوش حبیبِ کبریا ہیں

مولا علي رضی اللہ عنہ مهاجرينِ اوّلين(يعني ابتدا ۾ ئي هجرت ڪرڻ وارا) ۽ عَشَرَہ مُبَشّرَہ )يعني اهي ڏهہ خوش نصيب صحابہ جن کي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم نالو وني ڪري جنت جي بشارت ڏني، انهن) مان آهن. غزوه بدر، احد وغيره ۾ شريڪ ٿيا.[5] سندن شجاعت ۽ بهادري تمام گهڻي مشهور ۽ معروف آهي. مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنہ جي شهادت کان بعد کين مسندِ خلافت تي تشريف فرما ٿيا[6]

پاڻ رضی اللہ عنہ 4 سال، 8 مهينا ۽ 9 ڏينهن تائين خلافت جون ذميداريون نهايت

---

[1] سيرت مصطفے صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلہٖ وَ سَلَّم ، صفحہ:657تا662ملتقطاً
[2] کرامات شير خدا ، صفحہ : 13 ملخصاً ـ
[3] کرامات شير خدا ، صفحہ : 12 ملخصاً ـ
[4] مرآة المناجيح ، جلد : 8 ، صفحہ : 412 ملخصاً ـ
[5] اسد الغابہ ، جلد : 4 ، صفحہ : 88بتغير
[6] تاريخ الخلفاء ، صفحہ : 111

حسن و خوبي سان انجام ڏنيون.[1] 17يا 19 رمضان المبارڪ سن 40 هجري جو هڪ خبيث خارجي جي قاتلاڻي حملي سان سخت زخمي ٿي پيا ۽ 21 رمضان شريف آچر جي رات شهادت ماڻي.[2]

اللّٰه پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خاتمِ النَّبِی صلَّی اللہ علیہٖ واٰلہٖ وسلَّم

اَصْلِ نَسْلِ صَفَا، وجہِ وَصْلِ خُدا | بابِ فَضْلِ وِلایت پہ لاکھوں سلام(3)

**وضاحت**:حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ پاڪ نسل(يعني سيّدزادن) جا بلند شان وارا ڏاڏا آهن، واصِل بِاللّٰه (يعني اللّٰه پاڪ جو مُقَرَّب) ٿيڻ جو سبب ۽ ولايت جون فضيلتون ملڻ جو دروازو آهن. پاڻ رضی اللہ عنہ تي لکين سلام هجن.

## حضرت موليٰ علي رضی اللہ عنہ جو شان

اي عاشقانِ رسول! اچو! موليٰ علي شير خُدا رضی اللہ عنہ جي شان ۾ اهي حديثون جيڪي مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا ماڻهن کي ٻڌائينديون هيون، اهي ٻڌون ٿا، ايئن سيّده عائشہ رضی اللہ عنہا جو ذڪر خير بہ ٿي ويندو ۽ موليٰ علي شير خدا رضی اللہ عنہجي ذڪر جون برڪتون بہ نصيب ٿينديون.

## پياري آقا جي مَحبُوب شخصيت

ترمذي شريف ۾ آهي، حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کان پڇيو ويو: (اهلِ بيت مان) رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سيني کان وڌيڪ محبوب(يعني پيارو) ڪير هو؟ فرمايائون: خاتونِ جنت سيده فاطمہ رضی اللہ عنہا. پڇيو ويو: ۽ مردن مان ڪير؟ فرمايائون: انهن جا مڙس(يعني مولٰي علي شير خدا رضی اللہ عنہ). وڌيڪ فرمايائون:

[1] ڪراماتِ شيرِ خدا ، صفحہ : 13
[2] ڪراماتِ شيرِ خدا، صفحہ:13 ـ
[3] ... حدائقِ بخشش ، صفحہ : 313 ـ

www.dawateislami.net

منهنجي معلومات جي مطابق هن جو سبب اهو آهي ته حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ ڪثرت سان روزا رکڻ وارا، تمام گهڻي عبادت ڪرڻ وارا هئا.[1]

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي مولىٰ علي رضی اللہ عنہ جي....!! پاڻ رضی اللہ عنہ ڪثرت سان روزا رکڻ وارا هئا، ڪثرت سان عبادت ڪرڻ وارا هئا...!!

| | |
|---|---|
| خدا کے شیر اے مولائے کائنات علی | شرف کا گوہرِ یکتا تری حیات علی |
| تو لا جواب ہے جس رخ سے بھی تجھے دیکھا | کہ اک خزینۂ عظمت ہے تیری ذات علی |
| نہ کیوں رکھیں صدفِ دل میں یہ گُہر مومن | ہے تجھ سے عشق و وفا باعثِ نجات علی |
| نہ ہو سکے گی کما حقہ تری توصیف | خمیدہ سر ہیں زبان و قلم دوات علی |

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به ڪثرت سان روزا رکڻ ۽ وڌ کان وڌ وقت عبادت ۾ گذارڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي، اڄڪلهه ته اَلۡحَمۡدُلِله! عبادتن جي موسم هلي رهي آهي. ❁ رمضان المبارڪ جا برڪتن وارا ڏينهن آهن❁ ڏينهن رات رحمتن جي برسات آهي❁ مغفرتن جا پروانا ورهائجي رهيا آهن❁هن مهيني ۾ روزانو افطار جي وقت لکين ماڻهن جي بخشش ٿيندي آهي ❁ عبادتن جو ذوق وذائڻ وارا ڏينهن آهن بلڪ آخري عشرو شروع ٿيڻ وارو آهي، هي اهو مبارڪ عشرو آهي جنهن متعلق سيده عائشه صديقه رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون: **جڏهن رمضان المبارڪ جو آخري عشرو ايندو هو ته سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار** صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم **عبادت جي لاءِ تيار ٿي ويندا هئا.**[2]

---

[1] ترمذی، ابواب المناقب، باب فضل فاطمة، صفحہ:872، حدیث:3877

[2] بخاری، کتاب فضل لیلة القدر، باب العمل فی العشر الاواخر من رمضان، صفحہ:529، حدیث:2024 ۔

الله اڪبر! ڇا شان آهي....!! ❁ اسان جا نبي، پيارا نبي، مڪي مدني صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ته اهي هستي آهن جو سندن هڪ گهڙي جو ڪروڙين حصو به ڪڏهن فضُول ڪمن ۾ نه گذريو. ❁ پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به بي فائده ڪم ڪيو هجي، ان جو ته ڪڏهن تَصوُّر به نٿو ڪري سگهجي. ❁ بلڪ پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ته اهي آهن جن جون اَدائون دين آهن. جن جي طريقن کي اپنائڻ عبادت آهي. بلڪ هڪ عاشق رسول چيو:

تیری گلی میں آنا، تجھے تکنا، تیری ہی باتیں کرنا
عبادت، ریاضت، اَہلِ دِل اس کو کہتے ہیں

جڏهن آقا ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي اهڙي عظيم شان آهي ۽ سندن به رمضان المبارڪ جي آخري عشري ۾ عبادت ۾ اضافو فرمائيندا هئا ته غور فرمايو! ڪيتري ڪثرت سان عبادت ڪندا هوندا....!! انهيءَ ڪري اسان غلامن کي به گهرجي ته ❁ عبادت ۾ دل لڳايون❁ خوب ذوق و شوق سان، ظاهري باطني آداب جو خيال رکندي روزا رکندا رهون❁ ماهِ رمضان جا روزا ته فرض آهن، رڪٽائي رڪٽا آهن، انهن جي ته موڪل ئي نٿي ٿي سگهي ❁ ان کان پوءِ به نفل روزن جي عادت بڻايو❁ ۽ عبادت به ڪثرت سان ڪيو❁ خوب تلاوت ڪيو❁ نفل پڙهو❁ تهجد پڙهڻ اجڪلهه نهايت آسان آهي، سحري جي لاءِ ته اٿڻو ئي اٿڻو آهي، تهجد به پڙهي وٺو. ❁ سحري جي وقت توبه، استغفار جا ڪوڙ فضائل آهن، هي به ڪري وٺو❁ پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪندا رهو. ❁ اشراق و چاشت ۽ اَوابين جا نفل به پڙهڻ جي عادت بڻايو ❁ تراويح مڪمل 20 رڪعتون ادا ڪندا رهو❁ خوب درود پاڪ جي ڪثرت ڪيو❁ هلندي، ڦرندي، اٿندي ويهندي الله پاڪ جو ذڪر جاري رهي ❁ زبان فضوليات کان روڪي ڪري ذڪرُ الله ۾ لڳايو❁ دل، دماغ کي الله پاڪ جي

ياد ۾ لڳائي رکو، اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون.

| | |
|---|---|
| میں گناہوں کا مریض اور آپ ہیں میرے طبیب | دیجئے! مجھ کو شفا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| مغفرت کروایئے! جنّت میں لے کے جایئے! | واسِطہ حسنین کا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| اشکبار آنکھیں عطا ہوں ، دِل کی سختی دُور ہو | دیجئے خوفِ خُدا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| بھیک لینے کے لئے دربار میں منگتا ترا | لے کے کشکول آگیا مولیٰ علی مشکل کشا! |
| کیوں پِھروں در در بھلا خیرات لینے کے لئے | میں فقط منگتا تِرا مولیٰ علی مشکل کشا! (1) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عائشہ! ان جي عزت ڪيو!

حضرت مَعَاذه غُفاريّہ رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون: هڪ ڏينهن مان حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا ڪان ملڻ ويس، مون ڏٺو تہ حضرت موليٰ علي رضی اللہ عنہ انهن جي گهر جي ٻاهر تشريف ڪٺي آيا ۽ پنهنجي رستي هليا ويا، مان اندر ويس تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰه عَلَيهِ واٰلِه وَسلّم بہ گهر ئي ۾ هئا، پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا کي فرمائي رهيا هئا: **اي عائشہ! هي(يعني علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ) سيني مردن ۾ مون کي پيارا ۽ عزيز آهن، اي عائشہ! منهنجي رضا جي لاءِ ان جو حق سڃاڻيو! ۽ ان جي عزت ڪيو....!!** [2]

| | |
|---|---|
| بیاں کس منہ سے ہو اس مجمع البحرین کا رتبہ | جو مرکز ہے شریعت کا، طریقت کا ہے سر چشمہ |
| تعالَی اللہ تری شوکت تری صَولَت کا کیا کہنا | کہ خطبہ پڑھ رہا ہے آج تک خیبر کا ہر ذرہ |

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:522-524 ملتقطاً۔
[2] اسد الغابہ، جلد:7، صفحہ:259۔

مسلمانو رسول اللہ کی الفت اگر چاہو | کرو اس کی غلامی جس کا ہر مومن ہوا بندہ(1)

## اها تہ تقدير هئي........!!

حضرت مَجمَع رحمۃُ اللہِ علیہ فرمائن ٿا: مون ڪي هڪ ڀيرو حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا جي خدمت ۾ حاضري جي سعادت ملي، مان اُن کان واقعہ جُمُل (يعني اهو واقعو جنهن ۾ حضرت عائشہ رضی اللہ عنہ ۽ مولىٰ علي جو اختلاف ٿيو هو، اُن) جي باري ۾ پڇيو تہ فرمايائون: : كَانَتْ قَدْرًا مِنَ اللّٰهِ يعني اها اللہ پاڪ جي لکيل تقدير هئي. پوءِ فرمايائون: سيده فاطمہ ۽ سندن مڙس(يعني حضرت علي رضی اللہ عنہ ) پياري آقا، مکي مدني مصطفىٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي سيني کان وڌيڪ محبوب هئا.[2]

سُبْحٰنَ اللہ! ڇا شان آهي مولىٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي...!! هونئن تہ سيني کان افضل صحابي پهريان خليفہ حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ آهن پر اهل بيتِ اطهار ۾ پياري آقا صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جا سيني کان محبوب ۽ پيارا مولىٰ علي رضی اللہ عنہ هئا. اللہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

علی المرتضیٰ شیرِ خُدا ہیں | کہ ان سے خوش حبیبِ کبریا ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مولىٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ ۽ فِڪرِ آخرت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت مولىٰ علي، شير خُدا، علي المرتضىٰ رضی اللہ عنہ علم و عَمَل ۾ نهايت بلند مقام رکن ٿا، علم ۾ اهڙا باڪمال هئا جو پياري آقا صلّی

---

[1]...ديوانِ سالک، صفحہ:80-82ملتقطاً۔

[2] رياض النضرة، الباب الرابع فی مناقب...الخ، الفصل الفصل السادس...الخ، جز:3، صفحہ:100۔

صلى الله عليه وآله وسلم فرمايو: اَنَا مَدِيْنَةُ الْعِلْمِ وَ عَلِیٌّ بَابُهَا يعني مان علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي.[1]

سبیلِ عشق کی سب رونقیں، علی سے ہیں | طریقِ رشد کی سب مشعلیں، علی سے ہیں
درِ علومِ نبوت ہے، ذات مولٰی کی | تمام علم کی یہ مسندیں، علی سے ہیں

اهڙي طرح سيرت ۾ ڪردار ۾ حضرت مولىٰ علي رضی اللہ عنہ جي شان ئي نرالي آهي، بيشمار خوبيون، اڻ ڳڻ چڱا وصف سندن سيرت پاڪ مان سکڻ جي لاءِ ملن ٿا. حضرت مولىٰ علي رضی اللہ عنہ جي هڪ نهايت اهم خوبي، جنهن کي سندن اپنائي ۾ رکيو هو ۽ ڪين ان جي تعليم ۾ ڏيندا هئا، اها آهي: فڪرِ آخرت.

حضرت مولىٰ علي رضی اللہ عنہ تمام گهڻي فڪرِ آخرت رکڻ وارا هئا ✿ قبر ۽ آخرت کي ياد ڪرڻ جي لاءِ قبرستان ويندا ✿ فڪرِ آخرت ۾ روئڻ، روئارڻ ✿ هر وقت آخرت جي ڪاميابي جي لاءِ فڪرمند رهڻ ✿ ان جي لاءِ دعا ڪندو رهڻ ✿ فڪر آخرت ۾ ٻڌي ڪري عبادت ڪرڻ ✿ سڄي سڄي رات جاڳڻ ✿ دنيا کان پري رهڻ ✿ دنيا جي محبت کان گهڻو بچڻ ✿ ۽ درس و بيان جي ذريعي، خطبن ۾ ماڻهن کي آخرت جي تياري لاءِ اڀاريندو رهڻ مولىٰ علي رضی اللہ عنہ جي سيرت جو هڪ واضح پهلو آهي. ✿ بلڪ شيخ جُنيد بغدادي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: شَیْخُنَا فِی الْاُصُولِ وَ الْبَلَاءِ عَلِیُّ الْمُرْتَضٰی يعني راهِ طريقت ۽ بلا ۽ مصيبت (يعني آخرت جي بهتري جي لاءِ دنيا ۾ مشڪلات برداشت ڪرڻ جي مُعاملي) ۾ مولىٰ علي رضی اللہ عنہ اسان جا امام آهن.

ہو چشتی قادری یا نقشبندی سہروردی ہو | ملا سب کو ولایت کا انہی کے ہاتھ سے ٹکڑا

[1] مستدرک، کتاب معرفۃ الصحابہ، جلد:4، صفحہ:96، حدیث:4693۔

علی مشکل کشا ہیں سب کے سالک آکا سہارا ہیں | ہر اِک محتاج ان کا ہو جواں بوڑھا ہو یا بچہ (1)

## حضرت مولىٰ علي رضی اللہ عنہ جو هڪ معمول

حضرت ضرّار رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مان الله پاڪ کي گواهه بڻائي چوان ٿو، مون ڪيئي ڀيرا مولىٰ علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي ڏٺو تہ جڏهن رات جي اونداهي ڇائنجي ويندي هئي، تارا چمڪي رهيا هوندا هئا ۽ سندن پنهنجي محراب ۾ ڏڪندي پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ پڪڙي ايترا بي چين هوندا هئا جو ڄڻ زهريلي نانگ ڏنگي ورتو هجي. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ شدت کان روئيندا ۽ بي اختيار ٿي "اي منهنجا رب! اي منهنجا رب! پڪاريندا هئا، پوءِ دنيا کي مخاطب ٿي فرمائيندا هئا، تون مون کي دوکو ڏيڻ جي لاءِ آئي آهين؟ منهنجي لاءِ ٺٽجي سنورجي آئي آهين ؟ پري ٿي وڃ! ڪنهن ٻئي کي دوکو ڏجان، مان توکي ٽي طلاقون ڏئي چڪو آهيان، تنهنجي عمر گهٽ آهي جڏهن تہ تنهنجون مصيبتون سهڻ آسان آهن، پوءِ حسرت سان چوندا هئا: **افسوس !زادِ راهه ٿورو آهي ۽ سفر ڊگهو آهي جڏهن تہ واٽ وحشت سان ڀريل آهي**.[2]

پیکرِ خوفِ خدا اے عاشقِ خیرُ الوریٰ | تم سے راضی کبریا مولیٰ علی مشکل کشا!

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هي مولي علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ آهن....!! ❁ هي اُهي آهن جن جا پٽ جنتي جوانن جا سردار آهن ❁ هي اُهي آهن جن کي ڏسڻ عبادت آهي ❁ هي اُهي آهن جن جي نالي سان دنيا ۽ آخرت جون مشڪلاتون ٽرنديون آهن. ❁ هي اُهي آهن جن جي صدقي ۾ لکين ماڻهو جنت ۾ ويندا ❁ هي اُهي آهن جن جي محبت کي ايمان جي علامت قرار ڏنو ويو آهي ❁ هي اُهي آهن جن جي شان ۾ قرآني آيتون لٿيون آهن ❁ هي اُهي آهن جن کي رسولِ ذيشان صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم پنهنجو ڀاءُ فرمائيندا هئا ❁ هي اُهي آهن جن

[1]... ديوان سالڪ،صفحہ:82۔

[2] حلية الاولياء، جلد:1، صفحہ:126، رقم:261مخلصاً۔

كي مالڪ جنت، قاسمِ نعمت صلّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلّم هڪ پيرو نہ بلڪ ڪيئي پيرا جنت جي خوشخبري ٻڌائي آهي بلڪ هي اهي آهن جن جي محبت جنت ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي ويندي آهي پر انداز ڏسو! خوفِ خدا جو عالم ڏسو! آخرت جي فڪر ڏسو!رات جي اونداهي ۾ ربّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي ڏڪي رهيا آهن، روئي رهيا آهن، ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن، دنيا کي ڏِڪاري ۽ آخرت جي فڪر ۾ مصروف رهن ٿا.

پر **افسوس**! اسان جي حالت انتهائي خراب آهي ❁ نيڪي نالي جي بہ ناهي ❁ اعمالنامو گناهن کان پريو پيو آهي. ❁ نہ ظاهر چڱو آهي ❁ نہ باطن پاڪ آهي، ان جي باوجود ڪا فڪر ناهي....!! ❁ رڳو ڏينهن رات دنيا، دنيا ۽ دنيا ڪمائڻ جي فِڪر آهي ❁ مال جي حرص آهي، هَوَس آهي ❁ ڪائٹو ڇا آهي؟ ❁ پائٹو ڇا آهي؟ ❁ مستقبل ڪيئن ٿيندو؟ ❁ هڪ ڪاروبار تہ هلي رهيو آهي، ٻيو ڪيئن هلندو؟ ❁ هڪ جاءِ کان چڱي آمدني ٿي رهي آهي، آمدني جا وڌيڪ ذريعا ڪيئن کوليا وڃن؟ ❁ ڪار، ڪوٺي، بنگلو ڪيئن ملندو؟ بس اها ئي فڪر آهي، نہ توبہ جا ڳوڙها، نہ شرمندگي، نہ پڇتاءُ، نہ ئي ڪو فڪر آهي، بس ڏينهن رات غفلت ۾ گذرندا پيا وڃن....!!!

دِل سے مرے دُنیا کی محبّت نہیں جاتی | سرکار! گناہوں کی بھی عادت نہیں جاتی
دِن رات مسلسل ہے گناہوں کا تسلسل | کچھ تم ہی کرو نا یہ نحوست نہیں جاتی
گو پیشِ نظر قبر کا پُرھول گڑھا ہے | افسوس! مگر پھر بھی یہ غفلت نہیں جاتی [1]

## آخرت چاهڻ وارا بڻجو....!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان کي فڪر آخرت نصيب ٿي وڃي. يقين

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ382ملتقطاً ۔

مجوَ! دنيا ڏاڍي بي وفا آهي مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت عليُ المُرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جن فرمايو: انسانو! آخرت اچي رهي آهي، دنيا وڃي رهي آهي. هنن مان هر هڪ جا چاهڻ وارا آهن. توهان آخرت جا چاهڻ وارا بڻجو! دنيا جا چاهڻ وارا نہ بڻجو...!! **بيشڪ اڄ عمل جو ڏينهن آهي، اڄ حساب ناهي پر سڀاڻي حساب جو ڏينهن هوندو، اتي عمل ناهي**..[1]

حرصِ دُنیا نکال دے دِل سے | بس رہوں طالِبِ رِضا یارَبّ!
ہائے حُسنِ عَمل نہیں پلے | حشر میں میرا ہو گا کیا یارَبّ!
خوف دوزخ کا آہ ! رحمت ہو | خاکِ طیبہ کا واسطہ یارَبّ!
دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد | کوئی ایسی ہَوَا چلا یارَبّ! (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت آهي، ڪُلي حقيقت آهي، دنيا وڃي رهي آهي ۽ آخرت اچي رهي آهي، وقت آهي جيڪو رڪجي نٿو سگهي، ساهه آهي جيڪو هر گهڙي اسان کي موت جي ويجهو ڪري رهيو آهي، افسوس! عنقريب...!! جلد ۽ تمام جلد ملڪُ الموت(موت جو ملائڪ) حضرت عزرائيل عليه السّلام تشريف کڻي ايندا، ساهه اٽڪندو، جان تڙپندي، آخري هڏڪي ايندي ۽ روح بدن کان جدا ٿي ويندو، پوءِ هي دنيا هڪ اڌوري خواب جيان ٿي ڪري رهجي ويندي، هتان جو پيسو، هتان جي دولت، هتان جو آرام، هتان جا ميڙل، هتان جا منصب، هتان جي عزت، نالو، شهرت سڀ ڪجهه ايئن جو ايئن رهجي ويندو ۽ اسان خالي هٿين اونداهي قبر ۾ لهي وينداسين.

دِلا غافِل نہ ہو یک دَم یہ دنیا چھو ڑجانا ہے | بغیچے چھوڑ کر خالی زمیں اندر سمانا ہے

1 بخاری،کتاب الرقاق،باب فی الامل و طولہ ،صفحہ:1581 ۔

2 ... وسائلِ بخشش، صفحہ80۔81ملتقطاً بتقدم و تاخر ۔

| | |
|---|---|
| تِرا نازُک بدن بھائی جو لیٹے سِیج پھولوں پر | یہ ہوگا ایک دن بے جاں اِسے کیڑوں نے کھانا ہے |
| عَزیزا یاد کر جس دن کہ عزرائیل آئیں گے | نہ جاوے کوئی تیرے سَنگ اَکیلا تُونے جانا ہے |
| غُلام اِک دَم نہ کر غفلت حیاتی پہ نہ ہو غَرّہ | خداکی یاد کر ہردم کہ جس نے کام آنا ہے |

## سيني کان وڏي حسرت

**حضرت عبدالرحمٰن مُرّي** رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مُسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المُرتضيٰ رضی اللہ عنہ هڪ ڏينهن فرمايو: (اي انسانو!) ڇا مان توهان کي سيني کان وڏي حسرت جي باري ۾ نه ٻڌايان، هي ان شخص جي حسرت آهي جيڪو درهم مٿان درهم، قيراط مٿان قيراط(يعني مال ئي مال ) جمع ڪندو ويو، **پوءِ ان کي موت اچي ويو، اُن جو سڄو مال ٻين کي وراثت ۾ ملي ويو.**[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي هي وڏي حسرت جي ڳالهه آهي، مال ته جمع ڪيو پر پنهنجي مال مان فائدو ڪجهه نه وٺي سگهيو، سڄو مال ٻين جي قبضي ۾ هليو ويو، هاڻي ڇا پيو ٿئي، وارث زمين جي مٿان ان مال مان عياشي ڪري رهيا هوندا آهن ۽ مال جمع ڪرڻ وارو زمين جي هينان عذاب ۾ گرفتار يا پڇتاءُ جو شڪار ٿيندو آهي.

## مولىٰ علي جي قبر وارن سان گفتگو

حضرت سيِّدُنا سعيد بن مُسيَّب رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هڪ دفعي اسان اميرُالمُؤمِنِين حضرتِ مولاءِ ڪائنات، عليُّ المرتَضيٰ، شيرِخدا رضی اللہ عنہ سان گڏ مدينہ منوره جي قبرستان وياسين. حضرتِ مولا علي رضی اللہ عنہ ارشاد فرمايو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ الْقُبُوْرِ وَرَحْمَةُ الله يعني اي قبرن وارؤ!توهان تي سلامتي ۽ الله پاڪ جي رحمت هجي. ۽ فرمايو: اي قبرن وارؤ! توهان پنهنجي خبر ٻڌائيندؤ يا اسان توهان کي ٻڌايون؟ حضرت سعيد بن مسيَّب رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا ته اسان قبر مان "وَعَليکَ السّلامُ وَرَحمۃاللہ

[1] زہد لابن مبارک، ابواب زیادات ا لزہد...الخ، باب فی ذکر الموت، صفحہ:465، رقم:155

وَبَرَكَاتُہٗ“ جو آواز ٻڌو ۽ ڪو ڇوڻ وارو چئي رهيو هيو: يا **اميرُالمُؤمِنِين!** توهان ئي ٻڌايو تہ اسان جي مرڻ کان پوءِ ڇا ٿيو؟ حضرت مولا علي رضی اللہ عنہ جن فرمايو: ٻڌي ڇڏيو! توهان جو مال تقسيم ٿي ويو، توهان جي گهروارين ٻيو نڪاح ڪري ڇڏيو، توهان جو اولاد يتيمن ۾ شامل ٿي ويو، جنهن گهر کي توهان مضبوط نهرايو هو ان ۾ توهان جا دشمن آباد ٿي ويا. هاڻي توهان پنهنجو حال ٻڌايو. اهو ٻڌي هڪ قبر مان آواز اچڻ لڳو: يا اميرُالمُؤمِنِين! اسان جا ڪفن ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا، اسان جا وار ڇڻي وڪرجي ويا، اسان جون گلون ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويون، اسان جون اکيون ٻاهر نڪري ڳلن تي اچي ويون ۽ اسان جي ناسن مان پونءِ وهي رهي آهي ۽ اسان جيڪو ڪجھ اڳتي موڪليو (يعني جهڙا عمل ڪيا) انهن جو بدلو مليو، جيڪو ڪجھ پوئتي ڇڏيو ان ۾ نقصان ٿيو.[1]

آخِرت کی فِکر کرنی ہے ضَرور | زندَگی اِک دن گزرنی ہے ضَرور
قبر میں میِّت اُترنی ہے ضَرور | جیسی کرنی ویسی بھرنی ہے ضَرور
ایک دن مرنا ہے آخِر موت ہے | کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان حضرت مولا علي رضی اللہ عنہ جي شان ۽ عظمت ۽ ٻڌڻ جي طاقت جي هڪ جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي تہ پاڻ رضی اللہ عنہ مُردن سان سندن برزخ جا حالات پڇيا، جواب ٻڌا ۽ انهن کي دنياوي حالات ٻڌايا، يقيناً هي سندن عظيم الشان ڪرامت آهي. پڻ هن روايت ۾ اسان جي لاءِ عبرت جون ڳالهيون بہ آهن تہ جيڪو شخص دنيا ۾ رهندي پنهنجي عقائد ۽ اعمال کي نہ سڌاريندو، دنياوي خواهشن جي چار ۾ ڦاسي ڪري آخرت کان غافل رهندو اُن جي قبر ان جي لاءِ سختين جو گهر بڻجندي ۽ هي دنيا جا بيجا فڪر ۽ خواهشون ان جي ڪنهن ڪم نہ اينديون بلڪ صرف دنيا جو مال گڏ ڪرڻ جي

---

[1] تاريخ دمشق، جلد:27، صفحہ:395

فڪر ۾ مشغول رهڻ وارو ۽ پوءِ انهي حالت ۾ مري ڪري اونداهي قبر جون سيڙهيون لهڻ وارو پنهنجي دنياوي مال مان ڪو فائدو نہ ڪٽي سگهندو، وارث سندن مال تي قبضو بلڪ مال حاصل ڪرڻ جي لاءِ جهيڙو ڪري پنهنجي واٽ وٺندا ۽ هي نادان انسان مال جمع ڪرڻ جي ڌن ۾ مست رهندي حلال و حرام ۾ فرق ويساري ۽ گناهن ڀري زندگي گذارڻ جي ڪري عذاب نار جو حقدار بڻجندو آهي.

| | |
|---|---|
| دولتِ دُنیا کے پیچھے تُو نہ جا | آخِرت میں مال کا ہے کام کیا؟ |
| مالِ دُنیا دوجہاں میں ہے وبال | کام آئے گا نہ پیشِ ذُوالجلال |

## هلاڪت ۾ وجهڻ واريون ٻہ شيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هي دنيا دوکي جو گهر آهي، جلد ئي فنا ٿي ويندو، اسان هي ڳالهہ ڄاڻيون ٿا پر افسوس! اسان فڪر نٿا ڪيون، حضرت مولىٰ علي رضی اللہ عنہ اسان کي نصيحت ڪندي فرمائن ٿا: مان توهان جي باري ۾ 2 ڳالهين جو خوف ڪيان ٿو: (1) ڊگهيون اميدون (يعني ڊگهو عرصو زنده رهڻ جي توقع) (2) خواهشات جي پيروي. **بيشڪ ڊگهي اُميّد آخرت وسارڻ جو سبب آهي ۽ خواهشن جي پيروي انسان کي حق جي رستي کان ڀٽڪائي ڇڏيندي آهي.**[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ئي ٻہ وڏيون بيماريون آهن جن اسان کي دوکي ۾ وجهي رکيو آهي، اسان سمجهون ٿا تہ اجا ڪافي زندگي پئي آهي، اجا مون کي هيترو عرصو زنده رهڻو آهي بلڪ سچ چوان تہ مرڻ جو خيال تہ اچي ئي نٿو، ڪنهن جي مرڻ جي اِطّلاع ملندي آهي تہ اسان دل ئي دل ۾ پاڻ کي ڪوڙيون تسليون ڏيندا آهيون، مثلاً ✿ هُو دل جو مريض هيو، ان کي ڪينسر ٿي وئي هئي، انهي ڪري هلي ڀيو ✿ فلاڻو ڊرائيونگ صحيح نہ ڪندو هو، انهي ڪري حادثي جو شڪار ٿي ويو ✿ فلاڻو احتياط نہ ڪندو هو، انهي ڪري بجلي جي

[1] الزہد لابن مبارک، باب النہی عن طول الامل، صفحہ:110، رقم:255

تار ڪان بچي نہ سگھيو ۽ موت جي منهن ۾ هليو ويو، ايئن اسان پنهنجي پاڻ کي ڪوڙا دلاسا ڏئي ڪري مطمئن ٿي ويندا آهيون حالانڪ سچ تہ اهو آهي تہ هتي جيڪو آيو آهي، ان کي وڃڻو ئي وڃڻو آهي، مرڻو ئي مرڻو آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

كُلُّ نَفْسٍ ذَآىِٕقَةُ الْمَوْتِ ؕ (پاره21،سورۃ عنکبوت:57)

**ترجمو ڪنزالايمان:** هر ساهہ کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.

هي موت آهي، ان جو ذائقو هرڪنهن کي چکڻو ئي چکڻو آهي، موت جو تعلق نہ صحت سان آهي، نہ ئي محتاط ڊرائيونگ سان آهي. موت نہ بيماري سبب ايندو آهي، نہ حادثي سان ايندو آهي. هي سڀئي ظاهري سبب آهن نہ تہ موت تہ جسم کان روح نڪري وڃڻ جو نالو آهي ۽ روح الله پاڪ جي حڪم سان نڪرندو آهي، ملڪ الموت(يعني حضرت عزرائيل) عَلَيْهِ السَّلَام ڪڍندا آهن، ❁ڪيترائي جوان آهن جيڪي پوڙهائپ جي انتظار ۾ هئا پر اڄ قبر جي هينان آهن ❁ڪيترا صحتمند آهن، جن جي تندرستي انهن کي دوکي ۾ وِڌو، اَڄ انهن جا جسم قبر ۾ سڙي چڪا آهن❁ ڪيترا اهڙا آهن جن کي پنهنجي طاقت تي غرور هيو، اڄ قبر جي مٽيءَ سندن سڄي آڪڙ ڪڍي ڇڏي، جڏهن کان دنيا ٺهي آهي، اربين کربين ماڻهو دنيا ۾ آيا، هليا ويا، نہ پهريان کو هتي بچيو آهي، نہ اسان بچي سگھنداسين. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿۳۱﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا انهن نہ ڏٺو تہ اسان انهن کان پهريان ڪيتريون قومون هلاڪ ڪري ڇڏيون سو اهي هاڻي هنن ڏانهن موٽڻ وارا ناهن.

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار | تُو اچانک موت کا ہوگا شکار

| | |
|---|---|
| موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ! | جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ! |
| گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے | قبر میں تنہا قِیامت تک رہے |
| موت آئی پہلواں بھی چل دیئے | خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے |
| دنیا میں رہ جائے گا یہ دبدبہ | زور تیرا خاک میں مل جائے گا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مولىٰ علي رضی اللہ عنہ جي نصيحت

حضرت بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ نهايت وڏا وليُّ الله آهن، هڪ ڀيرو سندن نصيب جاڳيو ۽ سندن خواب ۾ مسلمانن جا چوٿان خليفہ مولىٰ علي مشڪل ڪشا رضی اللہ عنہ تشريف ڪٺي آيا، حضرت بايزيد بسطامي رحمۃ اللہ علیہ باادب ٿي ڪري عرض ڪيو: اي اَميرُالمؤمنين رضی اللہ عنہ ! مون کي فائديمند ڳالهہ سيکاريو! پاڻ رضی اللہ عنہ ڪجهہ نصيحتون ڪيائون، پوءِ فرمايائون: سِيني کان بهترين نصيحت هي آهي، ايترو چئي ڪري پاڻ رضی اللہ عنہ پنهنجي مُٺ کوليائون، ان تي سون جي پاڻي سان هي شعر لکيل هو:

| | |
|---|---|
| كُنْتَ مَيِّتًا فَصِرْتَ حَيًّا | وَعَنْ قَلِيلٍ تَكُونُ مَيِّتًا |
| فَابْنِ بِدَارِ الْبَقَاءِ بَيْتًا | وَأَهْدِمِ بِدَارِ الْفَنَاءِ بَيْتًا |

ترجمو: توهان پهريان ڪجهہ نہ هئا، پوءِ زنده ٿيا، عنقريب ٻيهر موت جي منهن ۾ هليا ويندا. سو باقي رهڻ واري جهان (يعني آخرت) ۾ پنهنجو گهر ٺاهيو! دارِ فنا(يعني دنيا) جو گهر ڪيرائي ڇڏيو![1]

| | |
|---|---|
| دل سے دنیا کی محبّت دور کرکے یاعلی ! | دیدو عشقِ مصطفٰے مولٰی علی مشکل کشا! (2) |

[1] تاريخِ دمشق، جلد:14، صفحہ:105۔

[2] …وسائلِ بخشش، صفحہ:523۔

پيارا اسلامي ڀائرو! هي هڪ خوبصورت نصيحت آهي، ان جو مطلب هي هرگز ناهي تہ اسان پنهنجو گھر ڪيرائي رستي تي اچي وجون، ها! هي مطلب ضرور آهي تہ هن دنيا جي گھر ۾ دل نہ لڳايون بلڪ آخرت جي فڪر ڪيون

## مغفرت جي طرف ڊوڙو!

حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ هڪ ڀيرو خطبو ڏيندي فرمايو: اي الله پاڪ جا ٻانهؤ! موت! موت! جنهن کان بچڻ وارو ڪوبہ ناهي. جيڪڏهن توهان ان کان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندا تہ هي توهان کي ڀڄڻ ڪونہ ڏيندو ۽ توهان کي پڪڙي وٺندو. ان موت توهان کي پيشاني کان پڪڙي رکيو آهي. هاڻي نجات صرف جلدي عمل ڪرڻ ۾ آهي. توهان جي پنيان هڪ جلدباز طالب آهي ۽ اها قبر آهي. ٻڌو! قبر جنت جي باغن مان هڪ باغ يا جهنم جي کڏن مان هڪ کڏو آهي. ٻڌو! هي قبر روز ٽي ڀيرا ڪلام ڪندي چوندي آهي: مان اونداهي جو گھر آهيان، مان وحشت جو مڪان آهيان ۽ مان ڪيڙن ماڪوڙن جو گھر آهيان. ٻڌو! هن قبر کان پوءِ هڪ اهڙو ڏينهن آهي جنهن کان وڏيڪ ڪو سخت ڏينهن نہ آيو. اُن ڏينهن ٻار پوڙها ٿي ويندا ۽ وڏا وڏا هوش ۾ نہ هوندا.

تَذۡهَلُ كُلُّ مُرۡضِعَةٍ عَمَّآ اَرۡضَعَتۡ وَتَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمۡلٍ حَمۡلَهَا وَتَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَمَا هُمۡ بِسُكٰرٰى وَلٰكِنَّ عَذَابَ اللّٰهِ شَدِيۡدٌ ﴿۲﴾

ترجموڪنزالعرفان: هر کير پياريندڙ پنهنجي کير پيئندڙ ٻار کي وساري ويهندي ۽ هر حمل واري پنهنجو حمل ڪيرائي وجهندي ۽ تون ماڻهن کي ڏسندي جهڙو نشي ۾ آهن جڏهن تہ اهي نشي ۾ نہ هوندا پر الله جو عذاب وڏو سخت آهي.

ٻڌو! ان کان پوءِ اهڙو ڏينهن(يعني قيامت) آهي جنهن کان سخت ڪو ڏينهن ناهي. اُن ڏينهن جهنم ڀڙڪي رهي هوندي، ان جي گرمي سخت هوندي ۽ ان

جي گهرائي تمام وڏيڪ هوندي. **ان جهنم جو زيور لوهي گُرز ۽ ان جو پاڻي پونءُ آهي،** ان ۾ اللّٰه پاڪ جي رحمت جو ڪو حصو ناهي. هي ٻڌي ڪري ماڻهو تمام گهڻو رُنا پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ارشاد فرمايو: ان کان بعد ۾ هڪ ڏينهن آهي. (جنهن جي باري ۾ اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:)

وَسَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِیْنَۙ﴿۱۳۳﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جي جنت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي چوڙائي آسمانن ۽ زمين جي برابر آهي. اها پرهيزگارن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

اللّٰه پاڪ اسان کي ۽ توهان کي جنت ۾ داخل ڪري ۽ دردناڪ عذاب کان بچائي.[1]

## باقي زندگي انمول آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اهائي صحيح ڳالهه آهي، اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي ته جنت جي طرف ڊوڙون، ان ۾ بلڪل دير نه لڳايون، بس اَڄ کان اسان پنهنجو هي پڪو ذهن بڻايون، پهريان جيڪا زندگي گذري، جيئن گذري، سا گذري وئي، هاڻي کان اسان نيڪين ۾ دل لڳائينداسين، پهريان جيڪي گناهه ٿي ويا، انهن گناهن جي سچي دل سان توبه ڪنداسين، آئينده ڪڏهن به گناهن جي ويجهو نه وينداسين ۽ بس آخرت جي فڪر ۾ مصروف ٿي وينداسين. حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جو نهايت پيارو ارشاد آهي، پاڻ فرمايائون: بَقِيَّةُ عُمُرِالرَّجُلِ لَا ثَمَنَ لَهٗ يعني انسان جيڪا زندگي باقي آهي، اها انمول

[1] تنبيه الغافلين، باب عذاب القبر، صفحه:20.

آهي.[1] اَلحَمدُلله! اسان جا ساهہ اجا هلي رهيا آهن، انهن کي غنيمت سمجهو، اجا توبہ جو دروازو کليل آهي، ان مان فائدو کڻو، اَلحَمدُلله! رَمَضَانُ المُبارڪ جي برڪت وارا ڏينهن هلي رهيا آهن، آخري عشرو اچي ويو آهي، بخشش و مغفرت جا پروانا تقسيم ٿيڻ جا ڏينهن آهن، ان مان فائدو وٺو، رمضان جا باقي ڏينهن ۽ وري سڄي زندگي نيڪ ڪمن ۾ گذارڻ جي پڪي سچي نيت ڪيون، الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اجوڪي هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي دلين ۾ عشقِ رسول جاڳائڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ امّت کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروفِ عمل آهي، توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ الله الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار رسالو مطالعو بہ آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو...!!

هند جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي: مان ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هيس، هڪ ڏينهن ڪنهن اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دامت برکاتھم العالیہ جو رسالو احترامِ مسلم

[1] الزہد الکبیر للبیہقی، صفحہ:295، رقم:779۔

تحفي ۾ ڏنو مون پڙهيو تہ حيران رهجي ويس تہ جن مسلمانن کي مون هميشہ نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو آهي انهن جو مذهب اسلام ايتري قدر امن جو پيغام ڏي ٿو! رسالي جي تحرير تاثير جو تير بڻجي ڪري منهنجي دل ۾ لهي ويو ۽ دل ۾ اسلام جي محبت گهر ڪري وئي. هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هيس تہ ڪجهہ ڏاڙهي ۽ عمامي وارن اسلامي ڀائرن جو قافلو بہ بس ۾ سوار ٿيو، مان ڏسندي ئي سمجهي ويس تہ هي مسلمان آهن، منهنجي دل ۾اسلام جي محبت تہ پيدا ٿي ئي چڪي هئي لهٰذا مان احترام جي نظر سان انهن کي ڏسڻ لڳس، ايتري ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي شان ۾نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي، مونکي ان جو انداز تمام سٺو لڳو، منهنجي دلچسپي ڏسي ڪري انهن مان هڪ اسلامي ڀاء مون سان گفتگو شروع ڪئي. اهو سمجهي ويو تہ مان مسلمان ناهيان، ان مسڪرائيندي وڏي پياري انداز ۾ مونکي چيو، مان اوهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿو، مان رسالو احترامِ مسلم پڙهي ڪري پهريان ئي دلي طور تي اسلام جو شيدائي ٿي چڪو هيس، انهن جي محبت ڀري انداز دل تي وڏيڪ اثر ڪيو ۽ الحمد للّٰہ مان ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويس[1]

| | |
|---|---|
| اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کر دیا دیکھو |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب    صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تجهيز ۽ تڪفين ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! هاڻوڪو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، الحمدللّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمارٽ فون (Smartphone) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان

[1] ... غافل درزی، صفحه:25۔

دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان مختلف ايپليڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهي، جنهن مان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن آهي: Muslim's Funeral هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ مَيّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره جي باري ۾ اهم ترين معلومات ڏني وئي آهي ۽ هڪ خاص ڳالهه هي آهي تہ مَيّت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي جي لاءِ Animated Videos بہ شامل آهن. اوهان بہ هي موبائل ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهہ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبّت ڪئي ان مون سان مَحَبّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وعدي جي پابندي سُنت آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہِ والہٖ وسلَّم: **(1):** جيڪو وعدو پُورو نٿو ڪري، ان جو ڪو ايمان ناهي. (مصنف اِبْنِ اَبی شيبہ، ڪتاب: الايمان، جلد:7صفحہ:223) **(2):** جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان وعدو خلافي ڪري ان تي اللّٰہ پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي. (بخاری، ڪتاب:جِزْيہ، صفحہ:815، حديث:3179)

اي عاشقانِ رسول! وعدو پورو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ

---

1 تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

انبياء آهي. اسان جا آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيهِ واٰلہٖ وسلَّم وعدي جا گهڻا پَڪا هئا ۽ وعدو ٽوڙڻ ڪي تمام ناپسند ڪندا هئا. اِعلانِ نبوت کان پهريان هڪ ڀيري هڪ شخص پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيهِ واٰلہٖ وسلَّم کي عرض ڪيو: اوهان ترسو مان اجهو ٿو موٽان، اهو شخص هليو ويو پر واپس اچڻ وسري ويس، ٽن ڏينهن کان پوءِ ان کي ڀيهر ياد آيو، جڏهن اهو انهيءَ هنڌ پهتو تہ هي ڏسي حيران رهجي ويو تہ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰه عَلَيهِ واٰلہٖ وسلَّم ٽي ڏينهن گذرڻ جي باوُجود اتي ئي بيٺا آهن ۽ مَاشَآءَ اللّٰه! شفقت و رَحمت ۽ حُسنِ اَخلاق ڏسو! پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰه عَلَيهِ واٰلہٖ وسلَّم ان کي دڙڪا ڪونہ ڏنا، ڪاوڙ نہ ڪئي، بَس ايترو فرمايائون: اي شَخص! تو مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو. (اَبو داؤد، ڪتاب: ادب، باب: وعده، صفحه:781، حديث:4996) اللّٰه پاڪ اسان کي بہ سُنّتِ سرڪار تي عمل ڪندي وعدا پُورا ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰه عَلَيهِ واٰلہٖ وسلَّم

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

اللّٰه پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صلّی اللہ علیہِ واٰلہٖ وسلّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صلّی اللہ علیہِ واٰلہٖ وسلّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا)

## ﴿2﴾ سمورا گُناھ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صلّی اللہ علیہِ واٰلہٖ وسلّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.
(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البدیع، الباب الثانی، ص277)

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رحمۃ اللہ علیہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.
(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانيۃ والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطفي صلَّى اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رضی اللہ عنہم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.
(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## (٧) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رضی اللہ عنهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.
( مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## ﴿2﴾ جڏهن شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد